SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2003
# SINDH ACT NO.IV OF 2003

# سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003
# THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن
Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri

4. سزا
Punishment

5. دائره اختيار
Cognizance

6. ضمانت
Indemnity

7. **قاعدا**

Rules

8. **منسوخي**

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريہ 2003
# SINDH ACT NO.IV OF 2003

## سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003
## THE SINDH (PROHIBITION OF TAKING MENERALS INCLUDING RETI (SAND) AND BAJRI FROM ANY LAND) ACT, 2003

[23 آڪٽوبر 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ کوٽائي يا ڪنهن ٻئي طريقي ڪنهن زمين مان ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي لڳائڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (ڪنهن زمين مان معدنيات بشمول ريتي (واري) ۽ بجري ڪڍڻ تي پابندي) ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت.

(b) "زمين" جنهن ۾ شامل آهي پاڻي هيٺ زمين يا زمين جي

ذيلي زمين؛ ۽

(c) ”قاعدا“ مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪڍڻ جي رجسٽريشن
Registration on taking minerals including reti (sand) and bajri

3. حڪومت جي اڳواٽ منظوري کانسواءِ ڪو به شخص ريتي (واري) ۽ بجري سميت معدنيات ڪنهن زمين منجهان کوٽائي يا ٻئي طريقي نه ڪڍندو:

بشرطيڪ ڪا به منظوري نه ڏني ويندي، جيڪا ٽوپوگرافي، آرڪيالاجي، ايڪالاجي ۽ علائقي جي ماحول تي اثرانداز نه ٿئي.

سزا
Punishment

4. جيڪو به هن ايڪٽ جي گنجائش جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، اهو اهڙي ڀڃڪڙي تي سزا لائق هوندو:

(a) پهرين ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ، جيڪو ڏهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو؛ ۽

(b) لڳاتار ڀڃڪڙي جي صورت ۾ قيد جي سزا جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هوندو.

دائره اختيار
Cognizance

5. ڪنهن به عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڏوهه تي دائره اختيار حاصل نه هوندو، سواءِ ان جي ته حڪومت طرفان بااختيار بڻايل ڪو آفيسر لکت ۾ شڪايت نه ڪري.

ضمانت
Indemnity

6. هن ايڪٽ تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن به شخص خلاف ڪو مقدمو، ڪيس يا ٻي قانوني ڪارروائي نه ٿي سگهندي.

قاعدا

7. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ پڌرائي ذريعي هن ايڪٽ

| | |
|---|---|
| جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگھي ٿي. | Rules |
| 8. سنڌ (ڪنهن زمين مان ريتي (واري) بجري سميت معدنيات ڪڍڻ تي پابندي) آرڊيننس، 2003 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. | منسوخي Repeal |
| **نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگھجي** | |